کي دور ڪرڻ جا وسيلا ٿا بڻجن. اُتم انهيءَ ڏس ۾ ڀرپور ڪوششون شروع ڪيون، 'نئين دنيا' ڇپائيندو رهيو، لکڻيون قائم رکيون ۽ ٻين کي همٿائڻ جو سلسلو قائم رکيو. ڦٽندڙ شاعرن، ليکڪن کي مخزن ۾ ڇپائي اُتساهه وڪيو. نئين ليکڪ لاءِ ان کان وڌيڪ خوشيءَ جو باعث ڪونهي. 'نئين دنيا' جو ذريعو ميسر ڪري هُن ساهتڪارن جو شان بُلند ڪيو. اُتم اهو ڪاريه اُتم طرح نڀايو.

اُتم کي جوشيلو ۽ تکي قلم وارو ليکيو ويو آهي. اُن ۾ شڪ ڪونهي تہ سندس طنز سمالوچنا سدائين قابل قدر هوندي آهي. اهڙيءَ طرح اُتم سنڌي ساهت کي مٿاهين سطح تي پهچايو آهي. آشا آهي تہ ايندڙ ساهتڪار اِها ادِ قائم رکندا. سنڌي کي اڃان بہ ڏکين ڏولائن مان گذرڻو پوندو، جنهن لاءِ ٻوليءَ کي اُتم جهڙن سونهن جي اڃان بہ درڪار رهندي. اُتم توکي سلام!